# چاچي چپلي ماءُ

چاچي چپلي ماءُ جي چرتر لاءِ ته ونئي ڪٿي بس ڪجي! چوڏهن ٻارن جي ماءُ هوندي به ننڍڙي گڏڙي چنبيل ڏکيل پيئي لڳندي هئي، پر سچاءُ سنڌس آهو جو رک ڏيڙ ته غاليچو وڇايو پيو آهي، آمي جو سچاءُ وري چاچي جي اصل اُبتڙ. چاچي موٽي نگري ۽ چوکي ڏڪڙي ته آمي پري ديک تان بڪ ڪيدي موٽي واري. پر دل جي ڏاتار. شاهوڪار سان پوندس ڪين. باقي غريب سندس گهران ٻاڦي پيٽ بنا نه موٽندو. چاچي وٽ چوڏهن جو هلت هو ته امان وٽ اڪ جيترو عدد ته گهر جو هوئي هو، تنهن ڪان سواءِ پيٽ پراهي راڄ سوڌي ٽڪي ٽي ڏڪي پيئي هوندي. آمي اڳيئي آڇورڙا باقي جو ٻاٽل اچي لهي ته اهڙي رنڊٽي جي واهي ٽي وهندي هئي، جو بابا ته ڪڏهن چوندو هوس "پلا رات جو به اٿهي ۽ رنڊٽي ۾ ٽي منجهي وڇائي سمهي پئه نه......"

چاچي ۽ ڪي چوڏهن جو هلت هوندي به جڏهن ڏس تڏهن سڌل سپاٽو ڪيو پيئي موٽندي يا ڪٿ چڙهيو ويٺي سوپاري چٻاڙيندي.

جيڪو آمي ۽ کي ڏسندو هو، سو چوندو هو، "هي ۽

ته هوءَن ٻڌڪن ساهرن راڄن جا ٻورهيا ڪندي، نڪا
گڏي آهي، نڪا وسي آهي. جهڙي ساڻوري شادي ڪري
آئي تهڙي ئي آهي" پر چاچي جي جوانيءَ جي سونهن
جو ذڪر نڪرندو هو ته يڪدم سيڪارو ڀري چوندي
هئي، "هيئنر ته چٽ به نه رهي آهيان.
ماڻ ته جيئن ئي سانپر ۾ آيس، تيئن ئي چاچيءَ
جي "تنهنجو سو منهنجو منهنجي هٽ نه لاءِ" واري
پاليسيءَ جي خلاف اعتراض آثار لڳس. پر آميءَ
اکيون هن جي هڪ به نه هلنديون هيون. چاچي جو صابڻ
خلاص ٿي ويندو ته به ٿي ڏينهن ته آئل حساب اسان
جي صابڻ مان ئي نڪري ويندس، مٺڻ تيل جوليڪو
ته چڱي گذ سڌ جوئي ٻيو لڳندو هو، چاهي سيڌي واري
جي بل ۾ اسان جو حساب وڏيڪ ٿي نڪرندو هو.
٭ ٻهاري ته چاچيءَ کي وڃڻ ٿي ڪين ايندي هئي.
روز اسان جي ٻهاري چاچي جي گهر منجهه، چڱڪ
چڱڪ ڪري، اچي پنهنجي جڳهه تي چوڙي ڪري
وهندي هئي. ڏيڍن جي پيسٽ ته چاچي فقط آگر تي
ٿي ڪڍندي هئي ٭ ڪوبن ٻاهرين ٭ چمچن جي ته چاچي
وٽ ڪوٽ ئي ڪين ٿيندي هئي. جيئن جيئن چاچيءَ
جو ڪو نمڪ پڇندو ويندو، تيئن تيئن اسان جي چڪي
مان نمڪ ڪٽندو ويندو. ڪڏهن چاچيءَ جو آٽو خلاص
ٿي ويندو ته ايندي داڻاو آڏارو وٺڻ. جيڏي آڪهه
تهڏو داڻاو. مگر آٽ پريل داڻاو، سوڙهي مهل منو ٿي

واپس ايندو، آمي ته وري اهڙي، جو ڏسندي ٻه ڪاله ڏسندي هئي. مون کي ڏاڍا خار لڳندا هئا. چاچيءَ کي بصر ٻه ڳنڍيون ڪپندو ته آمي سڄي ڳوٺڙي کڻي اکيان رکنديس. چاچي ٻه ڏاڍي منهن سان چوندي، "توکي ته اڄ بصر ڪونه ڪپندو" ۽ ائين سوا ڏيڍ رتل بصر جو آلل حساب کڻي ويندي. مان هن بي انصافيءَ خلاف جهنڊو کڙو ڪري چونديس، "آمي توکان ته ٻه ڳنڍيون ٿي گهرائين پوءِ ڇو سڄي ڳوٺڙي اکيان ليٽائي رکيس؟"

آمي چوندي، "ڳل، هوءَ ته کڻي پاءُرٺ سن ٻني رکڻ لاءِ ائين چوندي آهي، پر مان ته سندس گهرج ڄاڻان ٿي نه."

ڦٽوڙو يا ڦٽي گهرائڻ جي ته چاچيءَ جي سڄي ڪٽنب کي عادت ٿي ڪاله هئي. مون کي ته وري سکول وڃڻ مهل مشڪل ڪڏهن ڦٽولو يا ڦٽي هٿ ايندو هو، سدائين چاچيءَ جي گهران ٿي گهرائڻو پوندو هو. هڪڙي ڏينهن ته جنسي اِنصاف ٿيو. پنج ڦٽولا بزار مان وٺي آيس. بس ٻئي ڏينهن فقط ٻه پٺي نظر آيا. مون ضد ڪيو ته باقي ٽي ڦٽولا ضرور چاچيءَ جي گهر پهچي ويا آهن. آميءَ منهنجو پوڻ کڻي بند ڪيو. چاچي جي ڪنهن پار شاهد اسان جي سس پس پڌي ورتي. هن وڃي ماءُ سان ڳالهه ڪئي. بس چاچي وڃ ٿيندي آئي. چئي، "مهتل ماءُ؛ ڏيءُ چڙي ائيمي

ڪين ڏوڙ ڇڏي آيئي. چوي ٿي ته ڦوٽا ڇاچيءَ جي گهر پهچي ويا هوندا ڇو، ڪي توهان جي ڦوٽن کي پير لڳل هئا ڇا؟ وري پير به ڪٿي مڃان، ٻيو ڦوٽا جو مون وٽ آهن ڪونه ڇا پر به لڳل هئن ڇا جو اڏامي ويا؟“

آءٌ ته مريادا جي ماري ”نه ٻاٻي، ٻار ڇهو ته ٿي ٿيو ڇا؟“ چوندي بخشائي ويٺي. پر ماڻ ته وري ٽانڊي پڄري وئي.

ڏياري جون ٻئي صفايون ٿيون. ماڻ چونه ڇاچيءَ جي ٻاسي واري اڱڻ ۾ وٺي هجان. ٻيڻيءَ ماڻ جڏهن ٿي بيڪار شيون ۽ شيشا هيٺ لاٿائون، تڏهن ٿي آهي ٽئي ڦوٽا اُنهن ساز گڏ ڪچي آيا. ماڻ جهٽ ٻائي ڦوٽا ڪٿي آيس آميءَ وٽ. ڇهو مانس، ”ڏسُ، ڇالاڪين ڪي ته سمجهيو ته گهر جو ڏيوالو ڪيڏنديءَ آمي.“ پر آمي ڇو ٻڌي. ڇاچيءَ کي ٻاهڙ ڪپڻ پنــدرهن ته آمي بنا ڳنڍ جي ڏيگ ڪٿي اڳيان رکـــنديس. ڇي، ”ڳنڍيا ڪيئن.“ پر ڇاچي ڏيگ ٻاهڙ ٻارن کي ورهائڻ لاءِ ڏيئي، اڇي چوي ”اڇا ڇولي ٻيءَ لاءِ ٻه ٻاهڙ ڪٽي پيو.“ آسي ٻه ٻن جا چار ڪٿي ڏنيس. جڏهن ٻاهڙ موٽ ڪائين نڏهن هجن آهي ٿي پنڌرهن. مٿيان ٻاهـــڙ ويا روڪڙ ۾.

شيون ٿيون ته الائي ڪيئن ڇاچيءَ جي گهر پهچي وينديون هيون. پر مهمان مرو به ڪائينــدو اسان وٽ ته

کلندو کڏندو وڃي چاچيءَ وٽ هو، چاچيءَ جي لڙڪ ڇڏڪ ڏسي لاءِ هڪ ڏينهن مان به لنگهي ويس چاچيءَ وٽ. مون هٿ کولي ٿي چيو، ”ٻاهار ٻاهار! اڄ اوله، ماسي سچ آيرڊو آهي شايد، جو ڪشوري پڌاري آهي اسان وٽ.

سچ پچ سچ اوله، ماسي آيرڊو هو يا نه اها ته خبر خاوند کي، پر آن کي چاچيءَ ٽريءَ هيئان لکائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، سو ته مان خوب ڏسي ٿي سگهيس جو نه چاچيءَ وٽ اسان لاءِ ڪيتري سڪ جي ڪرتا موجود هئي، تنهنجي پليءَ پانت چاٽ هئي.

وري چاچيءَ کي پنهنجي هر چيز تي ناز، چانهه، ڪوپ اگهان وڌائي ٿي چيو، ”ڪشوري، چانهه، ته پي ڏس، ههڙي چانهه، ماڻهن به ڪانه پياريندي هونده.“

”چو چاچي، توهان وٽ خاص چانهه، ٺهندي آهي ڇا؟“

”مان پڙا به اوچا گهرايان ۽ منهنجي ڪڪيءَ جي هٿ جي چانهه جيڪو پيئندو آهي، سو ساراهون ڪندو آهي.“

دل ۾ چيم، پڙا ته ساڳئي دڪان تان ساڳئي ليبل وارا اسان وٽ ايندا آهن، پوءِ به چاچيءَ جا پڙا ڪهڙي حساب اوچا ٿيندا آهن. خير، چانهه جو ڍڪ پريسم، جهڙي ڪنگهو پائي. چاچيءَ کي پڻائڻ لاءِ چيم، ”چو ڪڪيءَ چانهه، ٺاهڻ ۾ ڪوئي امتحان پاس ڪيو آهي؟“

چاچي طعنو سمجهي جي ڳانءُ نڪتي. پڇري،
چيائين، "نوڪي نه ٻيٺي هجي ته زور ڪونه ائيٺي."
منهنجا ته ٽپ ئي ٽري ويا. اوله پاسي نڪتل سج
شايد غروب به ٿي ويو. چاچيءَ چيو، "مان ته اصلي
ڇوندي آهيان، ماڻهن جو هڪ به پار جس جو ڪونهي."
"جيڪو توهار سان ها ۾ ها ملائي"
"سو ها ۾ ها ملائڻ لاءِ ڪونه ته نه ايندي آهيانءُ."
باپ ڙي، منهنجي ته پيرن هيٺان زمين ئي ٿڪري
وئي. چاچيءَ جي ڇهنڊڙيءَ ته رت ئي ڪڍي ڇڏيو.
آئندي چيم، "رڳو اوله ۾ آيل سج جي پارت هجيوءُ"
چاچيءَ جا پيرون چڙهي ويا ۽ سامهون رنڊو پئي
آيو چاچيءَ جو نئيو پٽ دولو. چاچي ميٺهن واڃ
ئيندي پڇيس، "ڪيدي مٺا، ڪنهن جي مار کائي آئين؟"
پار چيڙيل آواز ۾ چيو، "پاسي واري ڇوڪري ماريو."
چاچيءَ ائين به ڪين پڇيس ته ڇو ماريائين، نڪي
هٿ واري آئب ڏي نظر ڪيائين، پر ڪري هٿ
ڪڍيائينس چماٽ. چيو، "اڄ ته مٺا مان به لاڪ لاهيانءِ.
مار ڏيڻي اڇي آهي، ڪين کائي اڇي آهي. وئين
ڪنهن ٽي ڳيدي؟ ماريا، مان ته نئين هوندي پيئي
پئي پاڙي جي پارن کي ڏڪا ڏيڻي ايندي هيس، ڳلن
۾ چموٽا پائي ايندي هئي سان..."
منهنجا ته طاق ئي لڳي ويا. مارا چاچيءَ کي ته
پنهنجي فلاسافي به آهي. امان جي آسي ته ڪنهن کي

مار ڏيڻي اچڻ ٿي، پاڻ ماريندي آهي. بس اُن ڏينهن کان پڪو پرڻ ڪري ڇڏيم ته ٻنهي پاڙن پيرن کي روز صبح جو ڪلاڪ ڪن اهڙي سيڪوا ڏيندس، جيڪا چاچيءَ پنهنجي ٻارن کي ڏني آهي. ٽي ڏينهن کن مس پاڻ پڙهايو مان. هوڙي ڏينهن شام جو ڏسان ته چاچيءَ جو ننڍڙو پٽ ۽ منهنجو ننڍڙو ڀاءُ گهٽيءَ ۾ ڪشتي پيا لڙن. ٻاهر نڪري وڃي ڀاءُ کان پڇيم ڇا هي؟ چي "دولو، منهنجو گلال جو شيشو خلاص ڪري ڇڏيو."

"پوءِ تو ڇا ڪيس؟"

"ڏؤنشو هنيو مانس."

"توکي هيءَ مٿي تي نيل ڪيئن ٿيو؟"

"مون کي پٿر هنيائين.... مون وري سرولو هنيو مانس."

مون کان ڪل نڪري ويئي. ڀاءُ کي وٺي گهر اندر آيس. ليڪن ڇا ڏسان ته آسي ساڻي نيل جو پٽو هٿي دولوءَ کي وٺي مٿي تي پٽي ٻڌي. منهنجي ننڍي ڀاءُ کي ڏمندڙي جهٽڪيائين، "ڙي ڇا ٿيو آهي توکي گلال جهڙو ٿون هٿين ها تهڙو هن هنيو، وڙهڻ جي ڪهڙي ڳالهه هئي؟"

ڀائم، منهنجي صبح واري ليڪچر کي دهرايو، "هاڻي مون کي ڪير هڪ ڏڪ هڻندو، مان چار هڻندو سانس."

بس آسي اچي رڙ ۾ ڇتڪي. چي، "ماريا، ڪٿان

اهڙي هٿاري سگهيون؟ ڏک جو ڏک به نه، چار ڏک هڻندين؟ اها انسانيت ته ڪانهي...“ امي سڏڪندي سڏڪندي پاڻوءَ کي چمندي پنهنجي فلاسافي ٻڌائيندي تي وئي— ”ماريا، مون ته توهان کي اهڙي لولي ڏني ڪانه ڏني آهي، مان ته چوندي آهيان جيڪو مڙدو سو جڙيو هيءُ ڪو جنگ جو ميدان ته ڪونهي، جتي دشمن سامهون هجي. هتي ته پنهنجا سوٽ آهيو، پاڻئرن جهڙاءِ هڪڙي نل تي سنان ڪريو، هڪڙي آڳر ۾ راند ڪريو، توهان جي ڏاڏي ساڳئي، ڏاڏو ساڳيو، پڻيون ساڳيون... ماريا، هتي ڪا ويڙهه جهيڙ ٺهي ٿي ڇا؟...“

اوچتو منهنجي نظر وجي چاچي چملي ماءُ تي پيئي. الاجي ڪهڙي مهل هوءِ اسان جي دردوٽ اچي، امي جي فلاسافي ٻڌڻ بيٺي هئي. ۽ اهين ڀت ڀٽي بيٺي هئي، جو منهنجون ته وائون ئي بتال ٿي ويئون. وڏي ڳالهه ته چاچيءَ اڄ پٽ جي مٿي تي پٽي ڏسي به هائيدوس نه مچايو هو!